# شهيد فاضل راهوءَ

## جي نالي

قومي شاعر نياز همايونيءَ جو

# عقيدت ڀريو نذرانو



وفا جي راهه ۾ ثابت قدم رهڻ ته ايئن
سلام آهه او سنڌ ڌرتيءَ سنڌ ۽ شهيد ٿي

منهنجي دل ڇا، هيءَ وياڪل دل ٿي تنهنجي سوڳ ۾ روئي،
فاضل راهو- فاضل راهو ــــ ! تو جيهو ڪو هوئي.

هن دنيا ۾ هر ڪوئي ٿو پنهنجي ڪارڻ جيئي،
ڪنهن کي پئي آهي جو ڪنهن لئي ۽ رت رتا ڏکَ پيئي.

تو ٿي ٻي جي دردکي پنهنجو درد ڪري پئي چاتو،
تو ئي ٻي جي همدرديءَ مان، هي اُگرو ڦل پاتو.

تو کي سڀ ڪا سُڌِ هئي، هت ٻيڪيءَ چا کُهرام ڪيا،
تڏهن ٻه تو منهن ڪين ٿي موڙيو، ڪهڙا پي ٿي ويل وهيا.

پنهنجا عيش وساري قوم جي عشق ۾ پاڻ پتوڙيو تو،
جيل مليا ته ٻه جُڙيو رهين تون، تنهنجو اَجهل ارادو هو.

تون ٿي گوءِ ڪٽي وئين آخر، تنهنجو سودو سَفرو،
تنهنجو رَندُ نه ريٽي سگهندو ڪوئي اپرو سپرو.

# اسانجي معزز کاتيدارن
# جو حاصل ڪيل نفعو
# بابت جولاءِ کان ڊسمبر ١٩٨٦ع

| سيونگز | اطلاعي جمع کاتا | |
| --- | --- | --- |
| ٧،٣ سيڪڙو | ٧ ڏينهن جي اطلاع وارا | ٣٠ ڏينهن جي اطلاع وارا |
| | ٤،٨ سيڪڙو | ٥،٥ سيڪڙو |

## ميعادي کاتا

| ٣ مهينا | ٦ مهينا | هڪ سال | ٢ سال |
| --- | --- | --- | --- |
| ٨،٤ سيڪڙو | ٩،٥ سيڪڙو | ١٠ سيڪڙو | ١٠،٨ سيڪڙو |
| ٣ سال | ٤ سال | ٥ سال يا ان کان وڌ | |
| ١١،٧ سيڪڙو | ١٢،٦ سيڪڙو | ١٣،٥ سيڪڙو | |

نيشنل بينڪ آف پاڪستان — قومي ترقي قومي بئنڪ

United

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙ، ڀاڄڙو، ڪاڏُو، ڀاڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڙھَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڙھَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اُهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَل مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجھہَ ۽ ڏاھپ کي گيت، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيھہ ڏيندي انھن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيھاريو آھي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آھن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، ھو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاھا ڪن ٿا، موتي مَنجھہ پھاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالھہَ ھُيا جي سُرخ گلن جيئن، اڄڪلھہ نيلا پيلا آھن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آھن........

... ... ... ...

ھي بيتُ اَٽي، ھي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنھي ۾ فَرَقُ نہ آ، ھي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنھن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنھن ھَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِھو سوچي مَڙھڻ تہ ”ھاڻي ويڙھہ ۽ عمل جو دور آھي، اُن ڪري پڙھڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آھي.

پَنَ جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻ ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙھي سماجي حالتن کي بھتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙھندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جھڙن سوالن کي ھر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٽ ڏين ٿا ۽ انھن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنھنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گھرج necessity unavoidable سمجھندي ڪتابن کي پاڻ پڙھڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻھن تائين پھچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توھان بہ پڙھڻ، پڙھائڻ ۽ ڦھلائڻ جي اِن سھڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگھو ٿا. بَس پنھنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، ھر قسم جا ڳاڙھا توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منھنجا ڀاءُ

پھتو منھنجي من ۾ تنھنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

ـ اياز (ڪلھي پاتم ڪينرو)